از: شيخِ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

سلسلو نمبر 60

# بري خاتمي جا سبب

تخريج شده

نماز ۾ سستي

ماءُ پيءُ جي نافرماني

شراب پيئڻ

مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ

ڪوڙ

غيبت

- خواب جي بنياد تي ڪنهن کي ڪافر نٿا چئي سگهو
- ڪتن جي شڪل ۾ حشر
- امرد سان گڏ 70 شيطان
- ماپ تور ۾ گهٽتائيءَ جو عذاب
- شيطان والدين جي روپ ۾
- سٺي خاتمي جي لاءِ مدني گل
- امڙ سائڻ جي ديد موڪلي آئي

ترجمو پيشڪش : مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

مكتبة المدينه
فيضانِ مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي، باب المدينه، ڪراچي پاڪستان. فون: 4921389-95/4126999 فيڪس: 4125858
Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# بري خاتمي جا سبب

**غالبًا توهان کي شيطان هي رسالو پورو نہ پڙهڻ ڏيندو پر اوهان ڪوشش ڪري پورو پڙهي شيطان جي وار کي ناڪام بڻائي ڇڏيو.**

## درود شريف نہ پڙهڻ جو جنجال

**منقول** آهي ، هڪ شخص کي انتقال کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ مجوسين (يعني باهہ جي پوڄارين) واري ٽوپي پاتل ڏٺي تہ ان جو ڪائنس سبب پُڇيو، ان وراڻيو: جڏهن بہ **محمد مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو نالو مبارڪ ايندو هو مان **درود شريف** نہ پڙهندو هُيس ان گناهہ جي نُحوست جي ڪري مون کان معرفت ۽ ايمان کسجي ويا. **(سبع سنابل ص 35 مڪتبہ نوريہ رضويہ سکر)**

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب ! صَلَّى اللّٰه تَعَالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

(1) هي بيان 23 ربيع الغوث سن 1419 هہ جو شارجہ مان عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي رلي ٽيو هيو. ضروري ترميم سان تحريري طور تي حاضرِ خدمت آهي .

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

# خواب جي بنياد تي ڪنهن تي ڪافر نه ٿو چئي سگهجي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان؟ گناهن جي نُحُوست ڪيتري قدر ڀيانڪ آهي جو ان جي سبب موت جي وقت ايمان برباد ٿي وڃڻ جو خطرو رهندو آهي . هتي هي ضروري مسئلو ذهن نشين فرمائي ڇڏيو جو ڪنهن جي باري ۾ **بُرو خواب** ڏسڻ بيشڪ ڳڻتيءَ جوڳو آهي تنهن هوندي بہ نبيءَ کانسواءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو **خواب** شَرِيعت ۾ حُجَّت يعني دليل ناهيءِ رُڳو **خواب** جي آڌار تي ڪنهن مسلمان کي ڪافر نٿا چئي سگهو ءِ پڻ مسلمان ميّت تي خواب ۾ ڪا ڪُفُر جي نشاني ڏسڻ يا ڀاڻمرادو مرڻ وارو مسلمان ڪنهن کي خواب ۾ اچي پنهنجي ايمان جي سَلَب (يعني برباد) ٿيڻ جي خبر ڏئي تڏهن بہ اسان ان کي **ڪافر** نٿا چئي سگهون .

## درود جي جاءِ تي ص لکڻ ناجائز آهي

صَدَرُ الشَّريعه ، بَدَرُ الطَّريقه حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا:

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم **: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي**

عمر ۾ هڪ ڀيرو **درود شريف** پڙهڻ فرض آهي ۽ ذڪر واري محفل ۾ **درود شريف** پڙهڻ واجب آهي ڀلي پاڻ نالو مبارڪ وٺي يا ٻئي کان ٻُڌي. جيڪڏهن محفل ۾ سؤ ڀيرا ذڪر ٿئي ته هر ڀيري **درود شريف** پڙهڻ گهرجي . جيڪڏهن نالو مبارڪ ورتائين يا ٻُڌائين ۽ **درود شريف** ان وقت نه پڙهيائين ته ڪنهن ٻئي وقت ۾ ان جي بدلي جو پڙهي وٺي. نالو مبارڪ لکي ته **درود شريف** ضرور لکي جو علماء جي ويجهو ان وقت **درود شريف** لکڻ واجب آهي . **گهڻا ماڻهو اڄ ڪلهه** درود شريف (يعني مڪمل درود صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم لکڻ) **جي بدران صلعم، عم، ، ، لکندا آهن هي ناجائز ۽ سخت حرام آهي.** اهڙيءَ ريت رضي الله تعاليٰ عنه جاءِ تي رض، رحمة الله تعالي عليه جي جاءِ تي رح لکندا آهن هي به مناسب ناهي. **(بهارِ شريعت حصو 3 ص 102، 101 مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي)** **الله** عَزَّوَجَلَّ جو نالو مبارڪ لکي ڪري ان تي ”ج“ نه لکندا ڪريو، **عزوجل يا جل جلاله** پورو لکو.

ہر دم مری زبان پہ درود و سلام ہو
میری فضول گوئی کی عادت نکالدو

**فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم : **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.**

# ❁ رعايت مان فائدو حاصل ڪريو ❁

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هينئر جيڪا توهان حڪايت ٻُڌي ان ۾ نالي مبارڪ تي **درود شريف** نہ پڙهڻ واري شخص جي خاتمي جي باري ۾ ڏنل ڪُٽتيءَ جوڳي خواب جو بيان آهي. اسان کي الله عزوجل جي بي نيازي ۽ ان جي **خفيہ تدبير** کان ڊڄڻ گهرجي ۽ **درود شريف** پڙهڻ ۾ غفلت نہ ڪرڻ گهرجي. اڄ کان پهريان ٿي سگهي ٿو ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو هجي جو اسان نالو مبارڪ ٻُڌو يا زبان مان ادا ڪيو هجي ۽ **درود شريف** نہ پڙهيو هجي . جيئن تہ هيءَ رعايت موجود آهي تہ جيڪڏهن ان وقت نہ پڙهي تہ پوءِ بہ پڙهي سگهي ٿو . تنهن ڪري هينئر پڙهي وٺي ۽ ٻيهر ڪوشش ڪري انهيءَ وقت پڙهندو ڪري نہ تہ آخر ۾ پڙهي ڇڏي.

وہ سلامت رہا قیامت میں

پڑھ لئے جس نے دل سے چار سلام

صَلُّوا عَلَى الحَبيب ! صَلَّى اللّٰه تَعالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي ..

# ❁ بُري خاتمي جا چار سبب ❁

**شرح الصدور** ۾ آهي ، ڪجھ علماءِ ڪِرام رحمهم الله السلام فرمائن ٿا: بُري خاتِمي جا چار سبب آهن . (1) نماز ۾ سُستي (2) شراب پيئڻ (3) ماءُ پيءُ جي نافرماني (4) مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ .

(شرح الصدور ص 27 دار الڪتب العلميه بيروت)

**جيڪي** اسلامي ڀائر **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ **نماز** ناهن پڙهندا يا قضا ڪري پڙهندا آهن ، فجر جي نماز لاءِ ناهن اٿندا يا بنا شرعي مجبوريءَ جي مسجد ۾ باجماعت پڙهڻ جي بدران گهر ۾ ئي نماز پڙهي ڇڏيندا آهن انهن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي. ڪٿي نماز ۾ سُستي **بُري خاتمي جو سبب** نہ بڻجي وڃي . اهڙيءَ ريت شراب، ماءُ پيءُ جو نافرمان ۽ مسلمانن کي پنهنجي زبان يا هٿ وغيره سان تڪليف ڏيڻ وارو سچي توبھ ڪري وٺي.صدرُ الافاضِل حضرتِ علّامه مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي عليه رحمة الله الهادى فرمائن ٿا : توبھ جو بنياد رجوع الى الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف رجوع ڪرڻ) آهي. ان جا ٽي رڪن آهن هڪ ڏوهہ جو اعتراف ٻيو شرمساري

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

ٽيون ڇڏي ڏيڻ جو عزم(يعني هن گناهه کي ترڪ ڪري ڇڏڻ جو پڪو ارادو) جيڪڏهن گناهه قابلِ تلافي هجي ته ان جي تلافي (يعني نقصان جو بدلو) به لازم آهي مثال طور تاركِ الصلوٰة (يعني بي نمازيءَ) جي توبهه جي لاءِ پوئَن نمازن جي قضا پڙهڻ به ضروري آهي . (خزائن العرفان ص 12 بمبئي) ۽ جيڪڏهن حقوق العباد پائمال ڪيا آهن ته توبهه سان گڏوگڏ ان جي تلافي ضروري آهي مثال طور ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ، گهرواري يا دوست وغيره جي دل آزاري ڪئي آهي ته ان کان هن طرح مُعافي گهرو جو هُو مُعاف ڪري ڇڏي . صرف مسڪرائي ڪري SORRY چئي ڇڏڻ هر مُعاملي ۾ ڪافي ناهي هوندو!

نفس یہ کیا ظلم ہے ہر وقت تازہ جُرم ہے
ناتُواں کے سر پہ اتنا بوجھ بھاری واہ واہ

## ❁ ٽن عيبن جي نحوست جي حڪايت ❁

”مِنهاجُ العابِدين“ ۾ آهي ، حضرتِ سيِّدُنا **فضيل بن عياض** رضی اللہ تعالیٰ عنہ پنهنجي هڪ شاگرد وٽ سڪرات جي وقت تشريف فرما ٿيا ۽ ان وٽ ويهي سورهءِ يٰسٓ شريف

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو

پڙهڻ لڳا. ان شاگرد چيو: ”سورهٔ يٰس پڙهڻ بند ڪري ڇڏيو .“ پوءِ پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ ان کي ڪلمي شريف جي تلقين (1) فرمائي. هُو چوڻ لڳو : مان هرگز هي ڪلمو نہ پڙهندس مان ان کان بيزار آهيان .“ پوءِ انهن لفظن تي سندس موت واقع ٿي ويو. حضرتِ سيّدُنا فضيل رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ کي پنهنجي شاگرد جي بُري خاتمي جو سخت صدمو رسيو. چاليهن ڏينهن تائين پنهنجي گهر ۾ ويهي روئندا رهيا . چاليهن ڏينهن کان پوءِ پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ خواب ۾ ڏٺائون تہ فرشتا ان شاگرد کي جهنّم ۾ گهلي رهيا آهن. پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ ان کي استفسار فرمايو: ڪهڙي سبب کان الله عَزَّوَجَلَّ تنهنجي معرفت کسي؟ منهنجي شاگردن ۾ تنهنجو مرتبو تہ تمام اوچو هو!ان وراڻيو : ٽن عيبن جي سبب کان : (1) **چُغلي** جو مان پنهنجي ساٿين کي ڪجهہ ٻُڌائيندو هئس ۽ اوهان رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ کي ڪجهہ ٻيو ۽ (2) **حسد** (يعني ساڙ) جو مان پنهنجي ساٿين سان حسد

(1) مرڻ واري کي هي نہ چيو وڃي تہ ڪلمو پڙهہ بلڪ صحيح طريقو هي آهي تہ سڪرات واري وٽ وڏي آواز سان ڪلمي شريف جو ورد ڪيو وڃي تہ جيئن ان کي بہ ياد اچي وڃي.

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : **جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهه ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.**

ڪندو هئس .

(3) **شراب پيئڻ** جو هڪ بيماريءَ کان شفا حاصل ڪرڻ جي خاطر طبيب جي مشوري تي هر سال شراب جو هڪ گلاس پيئندو هئس.

**(منهاج العابدين ص 165 ، مؤسسة السيروان ، بيروت)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خوفِ خُدا کان ڏڪي وڃو! ۽ گهٻرائي ڪري پنهنجي معبودِ برحق کي راضي ڪرڻ جي لاءِ سندس بارگاهِ بيڪس پناهه ۾ جُهڪي وڃو. افسوس! **چُغلي ، حسد** ۽ **شراب پيئڻ** جي سبب وليءِ ڪامل جو شاگرد ڪفريه ڪلمات چئي ڪري مري ويو. صَدرُ الشَّرِيعه ، بَدرُ الطَّريقه حضرتِ علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا : مرڻ وقت **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ ان جي زبان مان ڪفر جو ڪلمو نڪتو ته ڪفر جو حڪم نه ڏينداسين ڇو جو ممڪن آهي موت جي سختيءَ ۾ عقل خطا ٿيو هجيس ۽ بيهوشيءَ ۾ هي ڪلمو نڪري ويس .

**(بهارِ شريعت حصو4 ص 158 مڪتبة المدينه ڪراچي، دِرمختار ج3 ص 96 دار المعرفة بيروت)**

**فرمانِ مصطفیٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي

# ❁ ڪتن جي شڪل ۾ حشر ❁

افسوس! اڄ ڪلهہ **چُغلي** ايتريقدر عام آهي جو گهڻن ماڻهن کي شايد خبر ئي ناهي پوندي تہ آءُ **چغلخوري** ڪري رهيو آهيان . چُغلخوري آخرت جي لاءِ سخت تباهي مچائيندڙ آهي . جيئن تہ سرڪارِ مدينه صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم جو فرمانِ عبرت نشان آهي : "غيبت ، طعني بازي، **چُغلخوري** ۽ بي گناهہ ماڻهن جا عيب ڳولڻ وارن کي الله تعاليٰ (قيامت جي ڏينهن) **ڪتن جي شڪل ۾ اٿاريندو**. (الترغيب والترهيب ج 3 ص 325 دار الڪتب العلميه بيروت)

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي ، چُغلخور جنّت ۾ نہ ويندو.
(صحيح البخاري ج 4 ص 115 حديث 6056 دار الڪتب العلميه بيروت)

# ❁ چُغليءَ جي تعريف ❁

مُهلڪات يعني تباهہ ڪري ڇڏڻ وارن گناهن کان بچڻ ضروري آهي ۽ انهن کان بچڻ جي لاءِ عام طور تي انهن جي سڃاڻپ ضروري هوندي آهي . هتي **چُغليءَ جي تعريف** پيش ڪئي وڃي ٿي، علامہ عَيني رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ امام نَوَوِي عليه رحمة الله القوي کان نقل فرمايو تہ ڪنهن

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

جي ڳالهه نقصان پهچائڻ جي ارادي سان ٻئي کي پهچائڻ **چُغلي** آهي. (عُمدة القاري تحت الحديث 216 ج 2 ص 594 دار الفکر بيروت)

## ❁ڇا اسين چُغليءَ کان بچندا آهيون؟❁

**افسوس!** گهڻن ماڻهن جي گفتگو ۾ اڄ ڪلهه **غيبت** ۽ **چُغليءَ** جو سلسلو تمام گهڻو ڏنو ويندو آهي. دوستن جي بيٺڪ هجي يا مذهبي اجتماع کان پوءِ واري گڏجاڻي، شادي جي تقريب هجي يا تعزيت جي گڏجاڻي، ڪنهن سان ملاقات هجي يا فون تي ڳالهه ٻولهه، ڪجهه منٽ به جيڪڏهن ڪنهن سان گفتگوءَ جو موقعو ملندو ۽ ديني معلومات رکڻ وارو ڪو حساس ماڻهو جيڪڏهن ان گفتگوءَ تي غور ڪري ته شايد گهڻن محفلن ۾ ٻين گناهن پرئي لفظن سان گڏوگڏ هُو ڪيترين ئي چُغلين به ثابت ڪري ڇڏي. هاءِ! هاءِ! اسان جو ڇا ٿيندو!!! هڪ ڀيرو وري هن حديث تي غور ڪريو: "چُغلخور جنّت ۾ نه ويندو."ڪاش! اسان کي حقيقي معنيٰ ۾ **زبان جو قفلِ مدينه** (1) نصيب ٿي وڃي، ڪاش! ضرورت کان

(1) غير ضروري ڳالهين کان بچڻ کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ زبان جو قفلِ مدينه چوندا آهن.

سواءِ ڪو لفظ زبان مان نہ نڪري، گهٽ ڳالهائڻ واري ۽ دنياوي دوستن جي ميڙ ۾ رهڻ واري جي **غيبت** ۽ خاص طور تي **چُغليءَ** کان بچڻ تمام ڏکيو آهي . آهہ! آهہ! حديثِ پاڪ ۾ آهي:" جنهن شخص جي گفتگو گهٽ هوندي ان جون غلطيون بہ گهٽيون هونديون آهن ۽ جنهن جون غلطيون گهٽيون هونديون ان جا گناهہ گهٽا هوندا آهن ۽ جنهن جا گناهہ گهٽا هوندا اهو جهنم جو وڌيڪ حقدار آهي."

**(حلية الاوليا ج3 ص87،88 رقم الحديث 3278دارالکتب العلمية بيروت)**

**نبيّ اڪرم،** نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم **جن** ارشاد فرمايو: ان شخص جي لاءِ خوشخبري آهي جيڪو(پنهنجو پاڻ کي) گهٽ ڳالهائڻ کان روڪي وٺي ۽ مال مان گهٽي(حصي) کي خرچ ڪري."

**(المعجم الکبير للطبراني ج 5 ص 71،72 دار احياء التراث العربي بيروت)**

**هڪ** صحابي سڳورا رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: ڪو شخص ڪنهن وقت مون سان ڪا اهڙي ڳالهہ ڪري ڇڏيندو آهي جو ان جو جواب ڏيڻ مون کي ايتريقدر پسند هوندو آهي جيتريقدر اجاري ماڻهوءَ کي ٿڌو پاڻي بہ پسند نہ ايندو هوندو. پر مان انهيءَ ڳالهہ کان ڊڄندي جواب

**فرمان مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي

ڏيڻ کان پري رهندو آهيان جو ڪٿي هيءَ فضول ڳالهه نه هجي. (اتحاف السادة المتقين ج 9 ص 159 دارالڪتب العلميه بيروت)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهي صحابي سڳورا رضی اللہ تعالیٰ عنہ ته فضول ڳالهائڻ جي خوف کان جائز جوابي ڪارروائيءَ کان به پرهيز ڪن ۽ اسان ڪنهن جي ڳالهه جي جڏهن وضاحت ڪرڻ لڳون ته نه **غيبت** کي ڇڏيون نه **چُغلي**، نه **عيب ڪيڻ** کان پري رهون نه الزام لڳائڻ کان . هاءِ! هاءِ! اسان جو ڇا ٿيندو! اي الله عزوجل اسان کي عقلِ سليم(يعني صحيح سمجهه) عطا ڪر ۽ اسان گناهن ڀري ڳالهائڻ کان نه مڙڻ وارن کي حقيقي معنيٰ ۾ زبان جو **قفلِ مدينه** نصيب فرماءِ .

**آمين بجاه النبی الامين** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل حڪايت ۾ **حسد** (يعني ساڙ) جي نُحُوست جو به تذڪرو آهي. افسوس! **حسد** جو مرض به تمام گهڻو ڦهلجي چُڪو آهي. حديثِ پاڪ ۾ اچي ٿو:”حسد نيڪين کي اهڙيءَ طرح کائي ڇڏيندو آهي جهڙيءَ طرح باهه ڪاٺين کي کائي ويندي آهي.“ (سنن ابن ماجه ج 4 ص4210 دار المعرفه بيروت)

## ❁ حَسَد جي تعريف ❁

حَسَد ڪرڻ واري کي حاسِد ۽ جنهن سان حَسَد ڪيو وڃي ان کي مَحۡسُود چوندا آهن.” لِسانُ الۡعَرَب“ جلد 3 صفحي نمبر 166 تي حَسَد جي تعريف هن ريت بيان ڪئي وئي آهي:

”الحسد ان تتمنى زوال نعمة المحسود اليك .“

يعني حَسَد هي آهي ته تون تمنا ڪرين ته مَحۡسُود جي نعمت ڪانئس ختم ٿي توکي ملي وڃي

## حسد جي تعريف جو آسان لفظن ۾ خلاصو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل تعريف مان معلوم ٿيو ته ڪنهن وٽ ڪا نعمت ڏسي ڪري تمنا ڪرڻ ته ڪاش! هن کان هيءَ نعمت ڪسجي ڪري مون کي ملي وڃي . مثال طور ڪنهن جي شُهرت يا عزّت سان نفرت جو جذبو رکندي خواهش ڪرڻ ته هي ڪهڙيءَ طرح بہ ذليل ٿي وڃي ۽ ان جي جاءِ تي مون کي عزّت جو مقام حاصل ٿي وڃي ، ۽ پڻ ڪنهن مالدار سان ساڙ ڪري هيءَ تمنا ڪرڻ ته هن جو ڪهڙي طرح

ٻہ نقصان ٿي وڃي ۽ هي غريب ٿي وڃي ۽ مان ان جي جاءِ تي دولت مند بڻجي وڃان . اهڙيءَ طرح جي تمنا ڪرڻ **حسد** آهي ، ۽ **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ هيءَ وبا ڪافي ڦهلجي چُڪي آهي،اڄ ڪلهہ ٻئي جو ڪاروبار ٺپ ڪرڻ جي لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي ويندي آهي ، ان جي مال جون هَروڀرو بُرايون بيان ڪري ان دڪاندار تي مختلف قسمن جا الزام لڳايا ويندا آهن ۽ اهڙيءَ ريت **حسد** جي سبب **ڪوڙ، غيبت، چُغلي، بي عزتي** ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا گناهہ ڪيا ويندا آهن. آهہ! هاڻي اڪثر مسلمانن ۾ ڀائيچارو ختم ٿيندو ٿو وڃي. اڳ جا مسلمان ڪيڏا ڀلا انسان هوندا هئا ان ڪي هن **حڪايت** مان سمجهو:

## ❁ سيدى قطب مدينه جي حڪايت ❁

خليفهءِ اعلىٰ حضرت، شيخُ الْفضيلت، سيّدُنا مولانا و مرشِدُنا ضِياءُ الدِّين احمد قادري رضوي مدني المعروف **قطب مدينه** رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ "تُرڪن جي دؤر" ڪان ئي مدينهءِ منوره زاد ها الله شرفا و تعظيما ۾ مقيم ٿي ويا هئا، لڳ ڀڳ ستهتر سال اتي قيام فرمايائون ۽ جنّت البقيع ۾ سندن مزارِ فائضُ الْانوار آهي. ڪين ڪنهن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي ..

عرض ڪيو: يا سيّدي! اڳ جا (غالبًا ترڪن جي دؤر ۾) **مديني شريف جي رهڻ وارن** ڪي اوهان رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ ڪيئن ڏٺو؟ فرمايائون: هڪ مالدار حاجي صاحب غريبن ۾ ڪپڙا ورهائڻ جي ارادي سان خريداريءَ جي لاءِ هڪ ڪپڙي جي دڪان تي پهتو ۽ گهربل ڪپڙو گهڻي مقدار ۾ طلب ڪيائين. دڪاندار چيو: مان توهان جو آرڊر پورو ته ڪري سگهان ٿو پر منهنجو عرض آهي ته توهان سامهون واري دڪان کان خريد فرمايو ڇوته **الحمدﷲ** عَزَّوَجَلَّ اڄ منهنجو وڪرو سٺو ٿيو آهي، هُن ويچاري پاڙيسري دڪاندار جو اڄ ڏنڊو ڪجهه گهٽ ٿيو آهي . **حضرت سيّدی قطب مدينه** رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ جن فرمايو: اڳ جا **مديني شريف ۾ رهڻ وارا** اهڙا هئا.

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي

دل سے دنیا کی الفت نکالو! اس تباہی سے مولیٰ بچالو
مجھ کو دیوانہ اپنا بنالو، یا نبی تاجدارِ مدینہ

## بِن امرد پسند موذنن جي بربادي

حضرتِ سيّدُنا عبدﷲ بن احمد مُؤَذِّن رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ

فرمائن ٿا : مان ڪعبة الله شريف جي طواف ۾ مشغول هئس تہ هڪ شخص تي نظر پئي جيڪو ڪعبي جي غلاف سان چنبڙي ڪري هڪ ئي دعا ورجائي رهيو هو:” **يا الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي دنيا مان مسلمان ئي رخصت ڪجانءِ.“ مون ڪانئس پُڇيو: هن کان سواءِ ڪا ٻي دعا ڇو نٿا گهرون؟ ان وراڻيو : منهنجا **ٻہ ڀائر** هئا ، وڏو ڀاءُ **چاليهن سالن** تائين مسجد ۾ بنا پگهار جي اذان ڏيندو رهيو. جڏهن ان جي موت جو وقت آيو تہ ان **قرآن پاڪ** گهريو ، اسان کيس ڏنو تہ جيئن ان مان برڪتون حاصل ڪري ،پر **قرآن شريف** هٿ ۾ ڪٽي هو چوڻ لڳو: ”توهان سڀ گواهہ رهجو جو مان قرآن جي سيني اعتقادن ۽ احڪامن کان بيزاري ظاهر ڪريان ٿو ۽ نصراني(يعني عيسائي) مذهب اختيار ڪريان ٿو.“پوءِ هو مري ويو. ان کان پوءِ **ٻئي ڀاءَ ٽيهن سالن** تائين مسجد ۾ **فی سبيل الله** اذان ڏني . پر ان بہ آخري وقت ۾ نصراني ٿيڻ جو اعتراف ڪيو ۽ مري ويو. تنهن ڪري مان پنهنجي خاتمي جي باري ۾ تمام گهڻو فڪرمند آهيان ۽ هر وقت **خاتمه بالخير** جي دعا گهرندو رهندو

**فرمان مصطفيٰ** صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهہ ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.

آهيان. **حضرتِ سيّدُنا عبداللّٰه بن احمد مُؤَذِّن** رَحْمَۃُ اللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ کانئس پُڇيو ، تہ توهان جا **ٻئي ڀائر** آخر اهڙو ڪهڙو گناهہ ڪندا هئا؟ان ٻُڌايو:"**اهي غير عورتن ۾ دلچسپي رکندا هئا ۽ اَمَرَدن** (يعني خوبصورت ڇوڪرن) **کي** (شهوت سان) **ڏسندا هئا.**"

**(الروض الفائق ص 17 دار الڪتب العلميه بيروت)**

## رشتيدار جو رشتيدار کان پردو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** غضب تي ويو! ڇا هاڻي بہ غير عورتن کان بي پردگي ۽ بي تڪلفي(يعني بنا هٻڪ جي ڳالهائڻ يا ملڻ) کان پري نہ رهندؤ؟ ۽ پڻ پنهنجي ڀاڄائي، چاچي، مامي (جو هي بہ شرعي طور تي سڀ غير محرم عورتون ئي آهن انهن) کان پنهنجي نظرن کي نہ بچائيندؤ؟ اهڙيءَ ريت سؤٽ ، ماروٽ، ڦڦاٽ ، ماسات جو ۽ پڻ گهرواريءَ جي ڀيڻ ۽ ڀيٽويي جو پاڻ ۾ پردو آهي. **نامحرم مرشد ۽ مريدياڻيءَ** جو بہ پردو آهي . مريدياڻي پنهنجي نامَحرم مرشد جو هٿ نٿي چُمي سگهي .

**فرمان مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي

# امرد ڏي شهوت سان ڏسڻ حرام آهي

خبردار! **اَمرَد** (يعني خوبصورت ڇوڪر) ته باھ ئي باھ آهي! **اَمرَد جو قُرب ، ان سان دوستي، ان سان مذاق مسخري، پاڻ ۾ ڀاڪر پائڻ سيني سان لائڻ، ڇڪتاڻ ۽ چنبڙڻ جهنم ۾ اڇلائي سگهي ٿي.** **اَمرَد** کان پري رهڻ ۾ ئي عافيّت آهي جيتوڻيڪ ان ويچاري جو ڪو ڏوھ ناهي، **اَمرَد** ٿيڻ جي سبب ان جي دل آزاري به نه ڪريو. پر ان کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ تمام ضروري آهي. هرگز **اَمرَد** کي اسڪوٽر تي پنهنجي پويان نه ويهاريو، پاڻ به ان جي پويان نه ويهو ڇوته باھ آڏو هجي يا پويان ان جو تاءُ هر صورت ۾ پهچندو. شهوت نه هجي تڏهن به **اَمرَد** سان ڀاڪر پائڻ محلِ فتنه (يعني فتني جي جاءِ) آهي، ۽ شهوت ٿيڻ جي صورت ۾ ڀاڪر پائڻ بلڪ هٿ ملائڻ بلڪ فقهاءِ ڪرام رحمهم الله تعالىٰ فرمائن ٿا : **اَمرَد جي طرف شهوت سان ڏسڻ به حرام آهي.** (تفسيراتِ احمديه ص 559 پشاور) ان جي بدن جي هر حصي ايتري تائين جو لباس کان به نظرن کي بچايو.ان جي تصور سان جيڪڏهن شهوت ايندي هجي ته ان کان به بچو، ان جي تحرير يا

ڪنهن شيءِ سان شهوت پڙڪندي هجي تہ ان جي نسبت رکڻ واري هر شيءِ کان نظرن جي حفاظت ڪريو، ايتري تائين جو ان جي گهر کي بہ نہ ڏسو. جيڪڏهن ان جي پيءُ يا وڏي ڀاءُ وغيره کي ڏسڻ سان ان جو تصوُّر قائم ٿيندو هجيءَ شهوت چڙهندي هجي تہ انهن کي بہ نہ ڏسو.

## امرد سان 70 شيطان

**امرد** جي ذريعي ڪيا ويندڙ فريبي ۽ چالاڪ شيطان جي تباهہ ڪندڙ حملن کان خبردار ڪندي منهنجا **آقا اعليٰ حضرت** رحمة الله تعالیٰ علیه فرمائن ٿا : منقول آهي، **عورت سان گڏ بہ شيطان هوندا آهن ۽ اَمرَد سان گڏ ستر.**

**( فتاويٰ رضويه ج 23 ص 721)**

بهرحال اَجۡنَبِيَّه عورت (يعني جنهن سان شادي جائز هجي) ان کان ۽ **اَمرَد** کان پنهنجي اکين ۽ پنهنجي وجود کي پري رکڻ سخت ضروري آهي نہ تہ هينئر توهان انهن ٻن پائرن جي مرڻ جا ڳٽنيءَ جوڳا مُعاملا پڙهيا جيڪي ظاهر ۾ نيڪ هئا. مهرباني فرمائي ڪري مڪتبة المدينه کان شايع ٿيل مختصر رسالو"**امرد پسنديءَ جون تباهہ ڪاريون**" جو مطالعو فرمايو.

نفس بے لگام تو گناہوں پہ اکساتا ہے
توبہ توبہ کرنے کی بھی عادت ہونی چاہئے

## حج ادا نه ڪرڻ بُري خاتمي جو سبب آهي

سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه، فيض گنجينه، صاحبِ معطر پسينه صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايائون : ”جنهن کي حج ڪرڻ کان نه ظاهري حاجت روڪي نه ظالم بادشاهه نه ڪا اهڙي بيماري جيڪا روڪي ڇڏي پوءِ **حج** ڪرڻ کان سواءِ مري ويو ته چاهي **يهودي** ٿي مري يا **نصراني** ٿي ڪري.“ (سنن الدارمي ج 2 ص 45 حديث 1758 باب المدينه ڪراچي) معلوم ٿيو ته **حج** فرض هئڻ باوجود جنهن ڪوتاهي ڪئي ۽ بغير **حج** ادا ڪرڻ جي مري ويو ته ان جو **خاتمو بُرو** ٿيڻ جو شديد خطرو آهي.

## اذان جي دوران گفتگو ڪرڻ واري جي بري خاتمي جو خوف

صَدرُ الشَّرِيعه ، بَدرُ الطَّريقه حضرتِ علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عليه رحمة الله القوى **فتاویٰ**

فرمان مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهه ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.

رضويه شريف جي حوالي سان نقل ڪن ٿا: جيڪو اذان جي وقت ڳالهين ۾ مشغول رهيو ان تي **معاذالله** (عَزَّوَجَلَّ) **خاتمو بُرو** ٿيڻ جو خوف آهي.

**(بهارِ شريعت حصو 3 ص 41 مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي)**

## اذان جو جواب ڏيڻ وارو جنتي ٿي ويو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن اذان شروع ٿئي ته ڳالهيون ۽ ٻيو ڪم ڪار ڇڏي ان جو جواب ڏيڻ گهرجي . ها جيڪڏهن مسجد جي طرف وڃي رهيا آهيو يا وضو ڪري رهيا آهيو ته هلندي هلندي ۽ وضو ڪندي ڪندي جواب ڏئي سگهو ٿا. جيڪڏهن هڪ ٻئي پُٺيان اذانن جا آواز اچي رهيا هجن ته **پهرين اذان** جو جواب ڏيڻ ڪافي آهي جيڪڏهن سڀني اذانن جا جواب ڏيو ته بهتر آهي. **اذان جو جواب** ڏيڻ وارن جون ڀ چا خوب بهارون آهن جيئن ته تاريخ دمشق جلد 40 صفحي 412 تي آهي: حضرتِ سيّدُنا ابو هريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا : ”هڪ شخص جنهن جو ظاهر ۾ ڪو وڏو نيڪ عمل ڪونه هو اهو فوت ٿي ويو ته رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن صحابهءِ ڪِرام عليهم الرضوان جي موجودگيءَ ۾ فرمايو:

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ علیه واٰله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

ڄا توهان کي خبر آهي ته الله تعالیٰ ان کي جنّت ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي. ان تي ماڻهو حيران ٿيا ڇو جو ظاهر ۾ سندن ڪو وڏو عمل نه هو، پوءِ هڪ صحابي رضی الله تعالیٰ عنه ان جي گهر ويا ۽ سندن بيوه کان پُڇا ڪيائون ته سندن ڪو نيڪ عمل اسان کي ٻُڌايو ته انهن جواب ڏنو ته ڪنهن خاص وڏي عمل جي مون کي خبر ناهي رُڳو ايترو ڄاڻان ٿي ته ڏينهن هجي يا رات جڏهن هُو اذان ٻُڌندا هئا ته جواب ضرور ڏيندا هئا .

**(تاريخ دِمشق لابنِ عساڪر ج 40 ص 412، 413 ملخصًا دار الفڪر بيروت)**

**الله عزّوجلّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي**

اذان ۽ اذان جي جواب جي تفصيلي احڪام جي ڄاڻ لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل رسالو **فيضانِ اذان** (يا نماز جا احڪام) جو ضرور مطالعو فرمايو.

گُنهِ گدا کا حساب کيا وه اگرچه لاکھ سے هيں سِوا
مگر اے عفو ترے عفو کا تو حِساب ہے نہ شمار ہے

## باهه حملو ڪري ٿي

حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن دينار عليه رحمة الله الغفار

هڪ بيمار جي سيرانديءَ ڪان تشريف فرما ٿيا جيڪو مرڻ جي ويجهو هو. پاڻ رَحۡمَۃُاللہِ تعالٰی عَلَیۡہِ ڪيترائي ئي ڀيرا ان کي ڪلمي شريف جي تلقين فرمائي، پر هو"**ڏهه يارهن، ڏهه يارهن**" جا آواز لڳائيندو رهيو جڏهن ان جو سبب پُڇيو ويو تہ چيائين: منهنجي سامهون **باهہ جو پهاڙ آهي جڏهن آءُ ڪلمو شريف پڙهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو تہ اها باهہ مون ڪي ساڙڻ لاءِ حملو ٿي ڪري** پوءِ پاڻ رَحۡمَۃُاللہِ تعالٰی عَلَیۡہِ ماڻهن کان پُڇيائون: دنيا ۾ هي ڪهڙو ڪم ڪندو هو؟ ٻُڌايو ويو تہ هي **وياج خور** هو ۽ **گهٽ توريندو** هو. (تذڪرة الاوليا ص 52،53 انتشاراتِ گنجينه تهران)

## ❁ ماپ تور ۾ گهٽتائيءَ جو عذاب ❁

**افسوس!** وياج خورن ۽ ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪرڻ وارن جي بربادي! ڪجهہ سڪن جي خاطر پنهنجو پاڻ کي جهنّم جي شعلن جي حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارؤ! ٻُڌو! ٻُڌو! **روح البيان** ۾ نقل ڪيو ويو آهي: جيڪو شخص **ماپ تور** ۾ خيانت ڪندو آهي. قيامت جي ڏينهن ان کي جهنّم جي گهرائُن ۾ وِڌو ويندو ۽ ٻن پهاڙن جي وچ ۾ ويهاري حڪم ڏنو ويندو

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهه ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت فرمائيندس.

”هنن پهاڙن جي ماپ ۽ تور ڪر.“ جڏهن تورڻ لڳندو ۽ ته باهه ان کي ساڙي ڇڏيندي. (روح البيان ص 364 ڪوئٽه)

گر ان کے فضل پہ تم اعتماد کرلیتے
خدا گواہ کہ حاصل مراد کرلیتے

# ❁ هڪ شيخ جو بُرو خاتمو ❁

حضرتِ سيّدُنا سُفيان ثَوري ۽ حضرتِ سيّدُنا شيبان راعي رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالٰی عَلَيْهِ ٻئي ڄڻا هڪ جاءِ تي گڏ ٿيا. حضرت سيّدُنا **سُفيان** ثَوري رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالٰی عَلَيْهِ سڄي رات روئندا رهيا . سيّدُنا شيبان راعي رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالٰی عَلَيْهِ کانئن روئڻ جو سبب پُڇيو ته فرمايائون مون کي **بُري خاتمي** جو خوف روئاري رهيو آهي . آهه! مون هڪ شيخ کان چاليهه سال علم حاصل ڪيو. ان سٺ سالن تائين مسجد الحرام ۾ عبادت ڪئي پر انهيءَ جو خاتمو ڪفر تي ٿيو . سيّدُنا شيبان راعي رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالٰی عَلَيْهِ جن چيو **اي سفيان**! اها سندس **گناهه جي شامت** هئي توهان الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪڏهن به نه ڪجو . (سبع سنابل ص 34 مڪتبه نوريه رضويه سکر)

فرمان مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو

چھڑا زنگ دل کا چھڑا دھیرے دھیرے حجاباتِ ظلمت ہٹا دھیرے دھیرے
کر آہستہ آہستہ ذکرِ الٰہی ہو پھر مدحتِ مصطفٰے دھیرے دھیرے

## ❁ فرشتن جو اڳيون استاد ❁

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله عَزَّوَجَلَّ بي نياز آهي ان جي خُفيہ تدبير ڪي ڪوبہ نٿو ڄاڻي ، ڪنهن ڪي بہ پنهنجي علم ۽ عبادت تي ناز نہ ڪرڻ گهرجي، شيطان **هزارين سال عبادت** ڪئي ، پنهنجي رياضت ۽ علميّت جي سبب مُعَلِّمُ الۡمَلَكُوت (يعني فرشتن جو استاد) ٿي ويو هو، پر ان بدبخت ڪي تڪبُّر تباهہ ڪيو ۽ هو ڪافِر ٿي ويو . هاڻي ٻانهن ڪي ورغلائڻ لاءِ هو تمام گهڻو زور لڳائيندو آهي سڄي زندگي وسوسا تہ وجهندو ئي رهندو آهي پر مرڻ وقت پوري طاقت استعمال ڪري ڇڏيندو آهي جو ڪهڙيءَ ريت بہ ٻانهي جو **خاتمو بُرو** ٿي وڃي. جيئن تہ :

## ❁ شيطان ماءُ پيءُ جي روپ ۾ ❁

**منقول** آهي: جڏهن انسان سڪرات جي عالم ۾ هوندو آهي تہ **بہ شيطان** ان جي ساڄي ۽ کاٻي اچي

**فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : **مون تي درود شريف پڙهوالله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو**

ويهي رهندا آهن. ساڄي پاسي وارو شيطان ان جي پيءُ جي روپ ۾ اچي چوندو آهي: **پٽ!** ڏِس مان تنهنجو مهربان ۽ شفيق پيءُ آهيان آءُ توکي نصيحت ڪريان ٿو تہ تون **عيسائي مذهب** اختيار ڪري مر ڇوتہ اهو ئي سڀ کان سٺو مذهب آهي . کاٻي پاسي وارو شيطان مرڻ واري جي **ماءُ** جي شڪل ۾ ايندو آهي ۽ چوندو آهي **منهنجا ٻچا!** مون توکي پنهنجي پيٽ ۾ رکيو ، پنهنجو کير پيئاريو ۽ پنهنجي هنج ۾ پاليو آهي. پيارا پٽ! آءُ نصيحت ڪريان ٿي ، تہ **يهودي مذهب** اختيار ڪري مر ڇوتہ اهو ئي سڀ کان اعليٰ مذهب آهي.

**( التذکرة للقرطبي ص 38 دار الکتب العلميه بيروت)**

## ❁ موت جي تڪليفن جو هڪ قطرو ❁

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي تمام گهڻو ڳڻتيءَ جوڳو مُعاملو آهي ٻانهو جڏهن بُخار يا مٿي جي سُور وغيره ۾ مبتلا ٿيندو آهي تہ ان کي ڪنهن ڳالهہ جو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي پوءِ **سڪرات** جون تڪليفون تہ تمام وڏيڪ هونديون آهن. ”شَرَحُ الصُّدور“ ۾ آهــي ، جيڪڏهن موت جي تڪليفن جو هڪ قطرو

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو**

سڀ آسمان ۽ زمين تي رهڻ وارن تي هاريو وڃي ته سڀ مري وڃن. (شرح الصدور ص 32 دار الڪتب العلميه بيروت)

هاڻي اهڙي نازڪ حالت ۾ جڏهن ماءُ ۽ پيءُ جي روپ ۾ **شيطان** ورغلائيندا هوندا ان وقت انسان جو اسلام تي ثابت قدم رهڻ ڪيتريقدر مشڪل ٿي ويندو هوندو. "**ڪيمياءِ سعادت**"۾ آهي، حضرتِ سيّدُنا ابو الدردا رضي الله تعالىٰ عنه فرمائيندا هئا : **خدا جو قسم!** ڪو شخص هن ڳالهه تي مطمئن نٿو ٿي سگهي ته مرڻ وقت ان جو اسلام باقي رهندو يا نه! (ڪيماءِ سعادت ج 2 ص 825 انتشاراتِ گنجينه تهران)

يارسول الله کہا تھا مرتے دم قبر میں پہنچا تو دیکھا آپ ہیں

## شيطان دوستن جي شڪل ۾

حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عليه رحمة الوالي فرمائن ٿا : **سڪرات** جي وقت شيطان پنهنجي چيلن کي مرڻ واري جي دوستن ۽ رشتيدارن جي شڪلن ۾ وٺي ايندو آهي . اهي سيئي چوندا آهن ، **پيارا!** اسان توکان اڳ موت جو مزو ماڻي چُڪا آهيون مرڻ کان پوءِ جيڪو ڪجهه ٿيندو آهي ان کان اسين چڱيءَ

**فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهہ ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت فرمائيندس.

ريت واقف آهيون . هينئر تنهنجو وارو آهي ، اسان توکي همدرداڻو مشورو ڏيون ٿا تہ تون **يهودي مذهب** اختيار ڪري وٺ جو اهو ئي دين الله **تعالیٰ** جي بارگاهہ ۾ مقبول آهي جيڪڏهن مرڻ وارو ان جي ڳالهہ نٿو مڃي تہ اهڙيءَ ريت ٻين دوستن جي روپ ۾ شيطان اچي ڪري چوندا آهن تون **عيسائي مذهب** اختيار ڪري وٺ چوتہ انهيءَ مذهب حضرت موسیٰ (عليه الصلوٰة والسلام) جي دين کي منسوخ ڪيو هو. ائين ئي عزيزن ۽ قريبن جي شڪل ۾ ٽولا اچي ڪري مختلف باطل فرقن کي قبول ڪرڻ جا مشورا ڏيندا آهن. تہ جنهن جي قسمت ۾ حق کان ڦري وڃڻ لکيل هوندو آهي اهو ان وقت ڦٿڪي ويندو ۽ باطل مذهب اختيار ڪري ڇڏيندو آهي.

**(الدرة الفاخرة في ڪشف علوم الآخرة ص 511 معه مجموعة رسائل الامام الغزالي دار بالفڪر بيروت)**

کسی اور سے ہمیں کیا غرض، کسی اور سے ہمیں کیا طلب
ہمیں اپنے آقا سے کام ہے، نہ ادھر گئے نہ ادھر گئے

**فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ علیه واٰله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

## ❁ اسان جو ڇا ٿيندو؟ ❁

الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي هيٺيَ حال تي ڪرم فرمائي ، سڪرات جي وقت خبر ناهي اسان جو ڇا حال ٿيندو! آهہ! اسان تمام گهڻا گناهہ ڪري رکيا آهن ، نيڪين جو نالو ئي ڪونهي، اسان دعا گهرون ٿا ، اي الله عَزَّوَجَلَّ سڪرات جي وقت اسان وٽ شيطان نہ اچن پر رَحۡمَةً لِّلۡعٰلمين صلى الله تعالیٰ علیه واٰله وسلم جن ڪرم فرمائن .

نزع کے وقت مجھے جلوہء محبوب دکھا
تیرا کیا جائے گا میں شاد مروں گا یا رب

## ❁ زبان قابو ۾ رکو! ❁

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازي ۽ ان جي **خفيہ تدبير** کان هر مسلمان کي ڏڄندو رهڻ گهرجي، خبر ناهي ڪهڙي نافرماني الله **رب العزت** عَزَّوَجَلَّ جي قهر ۽ غضب کي اُڀاري ۽ **ايمان** جي لاءِ خطرو پيدا ٿي وڃي. بس هر وقت پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي آڏو

**فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم : جنهن مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو

عاجزيءَ جو مظاهرو ڪندا رهو. **زبان تي قابو ۾ رکو** جو گهڻو ڳالهائيندو رهڻ سان به ڪڏهن ڪڏهن **ڪفريه ڪلمات** نڪري ويندا آهن ۽ خبر به ناهي پوندي ، هر وقت **ايمان** جي حفاظت جو فڪر ڪندو رهڻ ضروري آهي ، منهنجا **آقا** آعليٰ **حضرت** ، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جو ارشاد آهي : علماءِ ڪرام فرمائن ٿا، **جنهن ڪي** (زندگيءَ ۾) ايمان **ڪسجڻ جو خوف نه هجي سڪرات جي وقت ان جو ايمان ڪسجي وڃڻ جو شديد خطرو آهي.**

**(الملفوظ حصو 4 ص 390 حامد اينڊ ڪمپني مرڪز الاوليا لاهور)**

الٰہی ان کی محبت کا گھاؤ باقی رہے   دُرونِ دل یہ سلگتا الاؤ باقی رہے
گُنہ کا بارِ قیامت کا بحرِ پُرآشوب   الٰہی ان کی شفاعت کی ناؤ باقی رہے

## ❁ چڱي خاتمي جي لاءِ مدني گل ❁

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڳڻتي.....ڳڻتي.....نهايت ئي سخت ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي، اسان نٿا ڄاڻيون ته اسان جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي **خفيه تدبير** ڪهڙي آهي ، خبر ناهي اسان جو **خاتمو** ڪهڙو ٿيندو!

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو

حُجَّةُ الۡاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عليه رحمة الوالي جو مبارڪ فرمان آهي: **بُري خاتمي** کان **امن** چاهيو ٿا ته پنهنجي سڄي زندگي الله رب **العزت** عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۾ گذاريو ۽ هر گناهه کان بچو، ضروري آهي جو توهان تي عارفين جهڙو خوف غالب رهي ايسيتائين جو ان جي سبب توهان جو روئڻ گهٽو ٿي وڃي ۽ توهان هميشه **غمگين** رهو. اڳتي هلي **وڌيڪ فرمائن ٿا** : توهان کي **چڱي خاتمي** جي تياريءَ ۾ مشغول رهڻ گهرجي . هميشه ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ۾ لڳل رهو، دل مان دنيا جي محبت ڪڍي ڇڏيو، گناهن کان پنهنجي عضون بلڪ دل جي به حفاظت ڪريو، جيتريقدر ٿي سگهي بُرن ماڻهن کي ڏسڻ کان به بچو جو ان سان به دل تي اثر پوندو آهي ۽ توهان جو ذهن ان طرف مائل ٿي سگهي ٿو.

**(احياءُ العلوم ج 4 ص 221، 219 ملخصًا دار صادر بيروت)**

مسلمان ہے عطار تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یا الٰہی

**فرمان مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏھ رحمتون موڪليندو آهي.

# ❁ ايمان تي خاتمي جا چار ورد ❁

**هڪ** شخص بارگاهِ **اعليٰ حضرت** رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ ۾ حاضر ٿي ايمان تي خاتمه بالخير جي لاءِ دعا جو طالب ٿيو ته پاڻ رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ ان جي لاءِ دعا فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون : ﴿1﴾ (روزانو) 41 ڀيرا صبح جو يا حي يا قيوم لآ اله الآ انت اول ۽ آخر درود شريف ۽ پڻ ﴿2﴾ سمهڻ وقت پنهنجي سيني وردن کان پوءِ سورهءِ ڪافِرون روزانو پڙهي ڇڏيندا ڪريو ان کان پوءِ ڪلام وغيره نه ڪريو ها جيڪڏهن ضرورت هجي ته ڪلام ڪرڻ کان پوءِ سورهءِ ڪافرون تلاوت ڪري وٺو ته خاتمو انهيءَ تي ٿئي ان شآءَ الله عزوجل خاتمو ايمان تي ٿيندو. ۽ ﴿3﴾ ٽي ڀيرا صبح ۽ ٽي ڀيرا شام هن دعا جو ورد ڪندا رهو:

**اللهم انا نعوذبك من ان نشرك بك شيئا نعلمه و نستغفرك لما لا نعلمه** (الملفوظ حصو 2 ص 234 حامد اينڊ ڪمپني مرڪز الاولياء لاهور)

(1) اي هميشه زنده رهڻ وارا! اي هميشه قائم رهڻ وارا! ڪو معبود ناهي پر تون. (2) ” اي الله عزوجل اسان تنهنجي پناھ ٿا گهرون ان کان جو ڄاڻي ڪري اسان توسان ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪريون ۽ اسان ان کان استغفار ڪريون ٿا جنهن کي نٿا ڄاڻيون.“

**فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

﴿4﴾ بسم الله علی دینی بسم الله علی نفسی و ولدی و اهلی و مالی.

صبح ۽ شام ٽي ٽي ڀيرا پڙهو، دين، ايمان ،جان ، مال، ٻار سڀ محفوظ رهن . **(شجره قادريه رضويه ص 12 مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي)** (سج لهڻ کان صبح صادق تائين رات ۽ اڌ رات ٽيڻ کان سج جي پهرين ڪرڻي جي چمڪڻ تائين صبح آهي)

# ❁ باهہ جا صندوق ❁

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جنهن بہ بدنصيب جو ڪفر تي خاتمو ٿيندو ان کي قبر ايڏو زور ڏيندي جو ٻئي پاسراٽيون پاڻ ۾ ملي وينديون . ڪافر جي لاءِ ان جهڙا ٻيا بہ دردناڪ عذاب هوندا. قيامت جو **پنجاهہ هزار سالہ** ڏينهن ڏاڍو مشڪلاتن ۾ گذرندو، پوءِ ان کي اونڌو منهن پر گهلي جهنم ۾ اڇلايو ويندو. جيڪي گناهہ گار مسلمان جهنم ۾ داخل ٿيا هوندا جڏهن انهن

(1) الله تعاليٰ جي نالي جي برڪت سان منهنجي دين ، جان ، اولاد ۽ اهل ۽ مال جي حفاظت ٿئي.

**فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

ڪي ڪڍيو ويندو ۽ دوزخ ۾ رُڳو اهي ئي ماڻهو رهجي ويندا جن جو **ڪفر تي خاتمو** ٿيو هيو . پوءِ آخر ۾ ڪافرن جي لاءِ هي هوندو جو ان جي قد جي برابر باهه جي صندوق ۾ ان کي بند ڪندا ، پوءِ ان ۾ باهه ڪي تپايو ويندو ۽ باهه جو **قفل** (يعني تالو) لڳايو ويندو ، پوءِ اهو صندوق باهه جي ٻئي صندوق ۾ رکيو ويندو ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ باهه ٻاري ويندي ۽ ان ۾ به باهه جو قفل لڳايو ويندو ، پوءِ اهڙيءَ طرح ان کي هڪ ٻئي صندوق ۾ رکي ڪري ۽ باهه جو قفل لڳائي ڪري باهه ۾ وِڌو ويندو، ۽ **موت** کي هڪ **دُنبي** جيان جنّت ۽ دوزخ جي وچ ۾ آڻي ذبح ڪيو ويندو. هاڻي ڪنهن کي موت نه ايندو. هر جنّتي هميشه هميشه جي لاءِ جنّت ۾ ۽ هر دوزخي هميشه هميشه جي لاءِ دوزخ ۾ ئي رهندو. جنّتين جي لاءِ انتهائي خوشي هوندي ۽ دوزخين جي لاءِ حسرت مٿان حسرت .

(بهارِ شريعت حصو پهريون ص 77، 91، 92 مخلصًا مڪتبة المدينه ڪراچي)

**يا ربِ مصطفيٰ** عزّوجلّ و صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم اسان توکان ايمان ۽ عافيّت سان مديني ۾ شهادت ، جنّت البقيع ۾

**فرمان مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.

مدفن ۾ جنّت الفردوس ۾ مدني محبوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي پاڙي جو سوال ڪيون ٿا.

پایا ہے وہ الطاف وکرم آپ کے در پر مرنے کی دعا کرتے ہیں ہم آپ کے در پر
سب عرض وبیان ختم ہے خاموش کھڑا ہے آشفتہ ہے بدر آنکھ ہے نم آپ کے در پر

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان هرگز مايوس نہ ٿيو. توهان **دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن** ۾ سفر ڪندا رهندؤ تہ ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ايمان جي حفاظت جو ذهن بڻجندو رهندو. جڏهن ذهن بڻجندو تہ احساس پيدا ٿيندو، رقت ملنديءِ دعا جي لاءِ هٿ کڄندا پوءِ ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ بارگاهِ رسالت صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ۾ هي عرض ڪنداسين .

تُو نے اسلام دیا تُو نے جماعت میں لیا
تُو کریم اب کوئی پھرتا ہے عطیہ تیرا

## ❁سرڪار صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو گريو و زاري❁

ٿورو ڏڙڪندڙ دل تي هٿ رکي ٻُڌو! الله عَزَّوَجَلَّ

**فرمان مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي

جي محبوب صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم کي اسان گناهه گارن جي ايمان جي سلامتيءَ جو ڪيڏو فڪر آهي ، جيئن ته روح البيان جلد 10 صفحي 315 ۾ آهي: هڪ ڀيري مديني جي تاجدار صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم جي دربار ۾ شيطان مڪار روپ بدلائي هٿ ۾ **پاڻيءَ جي بوتل** کڻي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: مان ماڻهن کي سڪرات جي وقت هيءَ بوتل ايمان جي عيوض وڪڻندو آهيان . هي ٻُڌي آقاءِ نامدار ، شفيع روزِ شمار ، امت جا غمخوار ، مديني جا تاجدار صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم ايڏو رُنا جو اهلبيتِ اطهار عليهم الرضوان به روئڻ لڳا. الله عَزَّوَجَلَّ وحي موڪلي ، **اي منهنجا محبوب**! اوهان غم نه ڪريو! مان سڪرات جي حالت ۾ پنهنجي ٻانهن کي شيطان جي مڪر کان بچائيندو آهيان.

**(روح البيان ج 10 ص 315 ڪوئٽه)**

ہر امتی کی فکر میں آقا ہیں مضطرِب
غمخوار والدین سے بڑھ کر حضور ہیں

# هي رسالو پڙهي ڪري ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن ، اجتماعن ، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبة المدينه جي شايع ڪيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفلٽ تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪ کي به ثواب جي نيت سان تحفي طور ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار فروشن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي محلي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفلٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو .

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب ! صَلَّى اللّٰه تَعَالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

# ❁ امڙ سائڻ جي ديد موٽي آئي ❁

تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ، دعوتِ اسلامي جي تنظيمي تحصيل گلشنِ بغداد (باب المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي؛ امڙ سائڻ (عمر تقريبا 60 سال) صبح جو جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيون تہ ظاهري اکين جي باوجود انهن کي ڪجهہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو هو اسين گهٻرائجي ڪري ڊاڪٽر سان رجوع ڪيو تہ خبر پئي تہ "هاءِ بلڊ پريشر" جي نتيجي ۾ انهن جي اکين جو نور ضايع ٿي ويو يعني سندن ديد ختم ٿي وئي آهي. مختلف ڊاڪٽرن وٽ پهتاسين پر سڀني مايوس ڪيو.

طبیبوں نے مریضِ لادوا کہہ کہ کے ٹالا ہے

بنا، ناکام ان کا عندیہ دو یارسول اللہ

امڙ سائڻ وڏي اعتماد سان فرمايو؛ مون کي مدني مرڪز فيضان مدينہ ۾ ٿيڻ واري اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀرئي اجتماع ۾ وٺي وڃو ان شآءَ اللّٰہ انئي مون کي نظر ملي ويندي . " جيئن تہ باب المدينہ (ڪراچي) ۾ مدني مرڪز فيضانِ مدينہ جي وسيع ء

**فرمان مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

**عريض تهہ خاني ۾ هر آچر تي ٻنپهرن جي وقت ٿيڻ واري هفتيوار سنتن ڀرئي اجتماع ۾ اسين ٻہ ڀيرون امڙ سائڻ کي سهارو ڏئي وٺي آيوسين . انهي ٿيڻ واري رقت انگيز دعا اسان کي خوب روئاريو. امڙ سائڻ تي تمام گهڻو گريو طاري هيو. اوچتو ان جي اکين ۾ روشنيءَ جو شعاع داخل ٿيو ۽ مدني مرڪز فيضانِ مدينہ جو فرش صاف نظر اچڻ لڳو پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اکيون مڪمل روشن ٿي ويون.**

سنت کی بہار آئی فیضانِ مدینہ میں
رحمت کی گھٹا چھائی فیضانِ مدینہ میں

ناقص ہے جو سُنوائی، کمزور ہے بینائی
مانگ آکے دعا بھائی فیضانِ مدینہ میں

آفت میں گِھرا ہے گر، بیمار پڑا ہے گر
آکر لے دعا بھائی فیضانِ مدینہ میں

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب ! صَلَّی اللّٰہ تَعَالیٰ عَلیٰ مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَی الله ! اَستَغفِرُ الله

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب ! صَلَّی اللّٰہ تَعَالیٰ عَلیٰ مُحَمَّد

